مردے کے صدمے (سندھی)

# مُڙدي جا صدما



شیخِ طریقت امیرِ اہلسنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال
محمد الیاس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

# مُڙدي جا صدما

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَت بَرَکَاتُھُمُ العَالِیہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

### ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجِم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 91-90-34921389-021

*E-mail : translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# مُڙدي جا صدما*

شايد نفس رڪاوٽ وجهي پر اوهان اهو رسالو مڪمل پڙهي پنهنجي آخرت جو ڀلو ڪريو.

## وڏي ڦرڙي جو آپريشن

آفتابِ شريعت و طريقت، شهزادهٔ اعليٰ حضرت، حُجَّةُ الاسلام حضرت مولانا حامد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان تمام وڏا ديني عالم، عاشق شاهِ اَنام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ جانثارِ صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، مُحِبِّ اولياء ڪرام ۽ عاشقِ دُرود وسلام هئا. جڏهن به ڪين علمي ۽ تدريسي وقت کان فرصت ملندي هئي ته ذِڪر ۽ درود ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، سندن جسم مبارڪ تي هڪ وڏي ڦرڙي نڪتي جنهن جو آپريشن ضروري هو، ڊاڪٽر بيهوشيءَ جي انجيڪشن لڳائڻ چاهي ته روڪي ڇڏيائون ۽ پاڻ دُرود و سلام جي وِرد ۾ مشغول ٿي ويا، هوش و حواس جي عالم ۾ ٻن ٽن ڪلاڪن تائين آپريشن ٿيندو رهيو، دُرود شريف جي برڪت سان پاڻ ڪنهن به قسم جي تڪليف جو اظهار ٿيڻ نه ڏنائون! (تذڪرهٔ مشائخ قادريه رضويه ص 485)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن واري سنتن ڀريي اجتماع (سنڌ) 1محرم الحرام1425هه آچر جي ڏينهن (20، 21، 22) فيبروري 2004ع صحراءِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان تحريرًا خدمت ۾ حاضر آهي. مجلس المدينة العِلميه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# قبر تي مٽي وجهڻ واري جي مغفرت ٿي وئي

هڪ شخص کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: منهنجا عمل توريا ويا، گناهن جو وزن وڌي ويو پوءِ هڪ ٿيلهي منهنجي نيڪين جي پلڙي ۾ وڌي وئي جنهن سان اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي نيڪين جو پلڙو وزني ٿي ويو ۽ منهنجي بخشش ٿي وئي، جڏهن ان ٿيلهي کي کوليو ويو ته ان ۾ اها مٽي هئي جيڪا مون هڪ مسلمان جي قبر تي تدفين جي وقت وڌي هئي.
(مرقاة المفاتيح ج 4 ص 189)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪنهن سچ چيو آهي:

رحمت حق ”بها“ نه مي جُويَد،
رحمت حق ”بهانه“ مي جُويَد،

يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت قيمت نه بلڪ بهانو ڳوليندي آهي.

# قبر تي مٽي وجهڻ جو طريقو

مسلمان جي قبر تي مٽي وجهڻ مستحب آهي، ان جو طريقو به ٻڌي ڇڏيو: قبر جي سيرانديءَ جي طرف کان ٻنهي هٿن ۾ مٽي کڻي ٽي ڀيرا وجهو، پهرين ڀيري وجهڻ وقت پڙهو: مِنۡهَا خَلَقۡنٰکُمۡ (ترجمو ڪنزالايمان: اسان زمين مان ئي توهان کي پيدا ڪيو) ٻيو ڀيرو چئو: وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهيءَ ۾ توهان کي موٽائينداسين) ٽيون ڀيرو چئو: وَمِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهيءَ مان توهان

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آھي.** (مسلم)

کي پيھر ڪيڏنداسين) (پ 16 طٰہٰ 55) ھاٿي باقي مٿي بيلچي يا ڪوڏر وغيره جي ذريعي وڌي وڃي.

## قبر تي حاضر ٿيڻ وقت روئڻ

اميرالمؤمنين حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏھن ڪنھن جي قبر وٽ تشريف کڻي ويندا ھئا تہ ايترو روئندا ھئا جو سندن جي ڏاڙھي مبارڪ آلي ٿي ويندي ھئي، عرض ڪيو ويو: جنّت ۽ دوزخ جو ذِڪر ڪرڻ وقت توھان نہ ٿا روئو پر قبر تي گھڻو روئو ٿا، ان جو ڇا سبب آھي؟ فرمايائون: مون نبي اڪرم، نور مجسم، شاھِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آھي: ”قبر آخرت جي سڀ کان پھرين منزل آھي، جيڪڏھن قبر واري ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو تہ بعد وارو معاملو ان کان آسان آھي ۽ جيڪڏھن ان کان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪيائين تہ بعد وارو معاملو گھڻو سخت آھي.“ (ابن ماجہ ج 4 ص 500 حديث 4267)

## خوفِ عثماني

الله! الله! ذُوالنُّورَين، جامِعُ القرآن، حضرت سيّدنا عثمان بن عفّان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو خوفِ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ، سندن جو ذُوالنُّورين لقب ان ڪري ھو جو سندن نڪاح ۾ رحمتِ ڪونين، صاحبِ قاب قوسين، ناناءِ حَسنين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ھڪ ٻئي پنيان ٻہ شھزاديون ھيون، ڪين دنيا ئي ۾ قطعي جنّتي ھئڻ جي بشارت ملي چڪي ھئي ۽ ڪائنات معصوم فرشتا حياءُ ڪندا ھئا. ان جي باوجود قبر جي ھولناڪين ۽ اونداھين جي باري ۾ بي انتھا خوفزده رھندا ھئا،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

خوفِ خدا جي غلبي جي ڪيفيت دؤران هڪ ڀيري ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن مون کي جنّت ۽ جهنم جي وچ ۾ آندو وڃي ۽ هي معلوم نہ هجي تہ انهن ٻنهي مان ڪنهن ۾ ويندس تہ مان اتي ئي خاڪ ٿيڻ پسند ڪندس.“ (حلية الاولياء ج 1 ص 99 حديث 183 ملخصًا)

## ڪاش! منهنجي ماءُ مون کي نہ ڄڻي ها

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اسان جي دلين تي گناهن جا تہ ڄمي ويا آهن، حالانڪ يقيني طور تي معلوم آهي تہ موت ضرور ايندو، عين ممڪن آهي اڄ ئي اچي وڃي ۽ اسان کي قبر ۾ لاٿو وڃي، اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ رات جو ٻجلي هلي وڃي تہ دل گهبرائيندي آهي ۽ اونداهي کان ڊپ ٿيندو آهي ان جي باوجود قبر جي خوفناڪ انڌيري جو ڪو احساس ناهي، اميرالمؤمنين سيّدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ قطعي جنّتي هئڻ جي باوجود خوفِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ کان ڏڄندا ۽ ڏڪندا رهندا هئا، هڪ ڀيري خوف جي غلبي جي وقت پاڻ ڪک هٿ ۾ کڻي فرمايائون: ڪاش مان هي ڪک هجان ها. ڪنهن وقت چوندا هئا: ڪاش! مون کي پيدا ئي نہ ڪيو وڃي ها، ڪڏهن چوندا هئا: ڪاش! منهنجي ماءُ مون کي نہ ڄڻي ها.

(احياء العلوم ج 4 ص 226)

کاش کے نہ دنیا میں پیدا میں ہوا ہوتا — قبر و حشر کا سب غم ختم ہوگیا ہوتا
گلشنِ مدینہ کا کاش! ہوتا میں سبزہ — یا میں بن کے اِک تنکا ہی وہاں پڑا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش کے مری ماں نے ہی نہیں جنا ہوتا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

# دنياوي شين جو صدمو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس! اسان صدمن سان ڀرپور موت جي تياري کان بلڪل غافل آهيون، دنيا جي هر اها شيءِ جنهن سان زندگيءَ ۾ انسان کي محبت هوندي آهي مرڻ کان پوءِ ان جي ياد تڙپائيندي آهي ۽ اهو صدمو مڙدي جي لاءِ ناقابل برداشت هوندو آهي. ان ڳالهه کي هيئن سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته جڏهن ڪنهن جو گلن جهڙو اڪيلو پٽ گم ٿي وڃي ته اهو ڪيترو پريشان ٿيندو آهي، جيڪڏهن ان سان گڏ سندس ڪاروبار وغيره به تباهه ٿي وڃي ته ان جي صدمي جو ڇا عالم هوندو؟ ۽ گڏوگڏ جيڪڏهن هو آفيسر هجي ۽ وڏي مصيبت اها ٿئي جو ان جو اهو عهدو به ختم ٿي وڃي ته ان تي جيڪي صدمن ڪرندا ان کي اهوئي سمجهندو، تنهنڪري ان کي والدين، گهر واري، ٻارن ٻچن، ڀائرن ڀينرن ۽ دوستن جي وڇوڙي، گڏوگڏ گاڏي، لباس، گهر، دڪان، فيڪٽري، عمدا پلنگ، فرنيچر، راند روند جي سامان، کاڌي پيتي جي شين جي ذخيري، رت پگهر جي ڪمائي، عهدي وغيره هر هر شيءِ جنهن سان صرف دنيا جي لاءِ محبت هئي ان جي جدائي جو صدمو ٿيندو آهي ۽ جيڪو جيترو گهڻو نفس جي لذت لاءِ راحتن ۾ زندگي گذاريندو، مرڻ کان پوءِ انهن آسائشن جو ڪيس صدمو به اوترو ئي گهڻو ٿيندو، جنهن وٽ مال ۽ دولت گهٽ هوندي ان کي ان جي ڇڏڻ جو غم به ٿورو ٿيندو ۽ جنهن وٽ گهڻي هوندي ته ان کي ڇڏڻ جو غم به گهڻو. ياد رهي اهو گهٽ يا وڌيڪ غم انهيءَ صورت ۾ ٿيندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

جڏهن تہ ان هن مال و دولت سان دنيوي محبت ڪئي هوندي، حُجَّۃ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْوَالِی فرمائن ٿا: هي انڪشاف ساهہ نڪرندي ئي تدفين کان پهريان ٿي ويندو آهي ۽ اهو فاني دنيا جي جن جن نعمتن تي مطمئن هيو انهن جي جدائي جي باهہ ان جي اندر ۾ ڀڙڪندي آهي. (احياءُ العلوم ج 5 ص 248)

## مؤمن جي قبر 70 هٿ ڪشادي ڪئي ويندي آهي

جنهن مسلمان صرف ضرورت مطابق دنيا جي شين تي ڪفايت ڪئي اهو نهايت هلڪو هوندو آهي، موت ان جي لاءِ محبوب جي وصال جو پيغام آڻيندو آهي، جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانهآ هوندا آهن جن دنيا جي مال و اسباب سان دل نہ لڳائي هوندي انهن کي مال ڇڏڻ جو صدمو بہ نہ ٿيندو ۽ قبر ۾ انهن لاءِ خوب مزا هوندا آهن جيئن تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان نور بار آهي: "مؤمن پنهنجي قبر ۾ هڪ سرسبز باغ ۾ هوندو آهي ۽ ان جي قبر ستر هٿ تائين ڪشاده ڪئي ويندي آهي ۽ ان جي قبر چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر روشن ڪئي ويندي آهي.

(مسند ابي يعليٰ ج 5 ص 508 حديث 6613)

## قابلِ رَشڪ ڪير؟

حضرت سيّدنا مَسرُوق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مون کي ڪنهن تي بہ ايترو رشڪ ناهي ايندو جيترو قبر ۾ وڃڻ واري ان مؤمن تي رشڪ ايندو آهي جيڪو دنيا جي تڪليف کان راحت ماڻي ويو ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

عذاب کان محفوظ رهيو. (احياء العلوم ج 5 ص 249)

## ڪهڙو حال هوندو!

حضرت سيّدنا عطاء بن يسار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته نبي اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امير المؤمنين حضرت سيّدنا عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو: "اي عمر! جڏهن توهان جو لاڏاڻو ٿي ويندو ته ڪهڙو حال هوندو؟ توهان کي توهان جي قوم کڻي ويندي ۽ توهان جي لاءِ ٽي گز ڊگهي ۽ ڏيڍ گز ويڪري قبر تيار ڪندا، پوءِ واپس اچي توهان کي غسل ڏيندا ۽ ڪفن پارائيندا پوءِ خوشبو لڳائي توهان کي کڻندا ايتري تائين جو توهان کي قبر ۾ رکي ڇڏيندا پوءِ توهان (جي قبر) تي مٽي برابر ڪري ڇڏيندا ۽ توهان کي دفن ڪري ڇڏيندا ۽ جڏهن اهي واپس موٽندا ته توهان وٽ امتحان وٺڻ وارا فرشتا مُنڪَر ۽ نڪِير ايندا، انهن جو ڪنوڻ جي ڪڙڪي جيان آواز هوندو ۽ انهن جون اکيون تيز ڪنوڻ وانگر هونديون، اهي پنهنجي وارن کي گهليندا ايندا ۽ پنهنجي ڏندن سان قبر کي کوٽي توهان کي جهنجهوڙيندا. اي عمر! ان وقت توهان جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: ڇا ان وقت منهنجو عقل اڄ جيان مون سان گڏ هوندو؟ فرمايائون: "ها" عرض ڪيائون: پوءِ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مان انهن لاءِ ڪافي هوندس. (اتحاف السادة للزبيدي ج 14، ص 362)

## ميّت جو عقل سلامت رهندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي اها حديث پاڪ بيان ڪرڻ ڪان پوءِ فرمائن ٿا: موت جي سبب عقل ۾ ڪا تبديلي ناهي ايندي صرف جسم ۽ عضون ۾ تبديلي ايندي آهي. تنهن ڪري مڙدو پهريان وانگر عقلمند، سمجهدار ۽ تڪليفن ۽ لذتن کي ڄاڻڻ وارو هوندو آهي، عقل باطني شيء آهي ۽ نظر ناهي ايندو. انسان جو جسم جيتوڻيڪ ڳري سڙي وڪرجي وڃي پوءِ به عقل سلامت رهندو آهي.

(احياء العلوم ج 5 ص 258 ملخصًا)

## تشويش......تشويش......تشويش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدا جو قسم! تشويش، تشويش ۽ سخت تشويش، خوف، خوف ۽ سخت ترين خوف جو معاملو آهي. جانور جي ته مرندي ئي قوتِ محسوسه ختم ٿي ويندي آهي پر انسان جو عقل ۽ محسوس ڪرڻ جي طاقت جيئن جو تيئن باقي رهندي آهي بلڪ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت ڪيترا ئي ڀيرا اجا وڌي ويندي آهي. هاءِ! هاءِ! جيڪڏهن اسان جي بد اعمالين جي سبب الله تعاليٰ اسان ڪان ناراض ٿي ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ ٿورو سوچيو ته سهي! جيڪڏهن اسان کي خوبصورت ۽ آسائشن سان ڀريل بنگلي ۾ اڪيلو قيد ڪيو وڃي تڏهن به گهٻرائجي ويندا سين! اسان مان شايد قبرستان ۾ ته ڪوبه اڪيلو هڪ رات گذارڻ جي همت نه ڪري سگهي! هاءِ! ان وقت ڇا ٿيندو جڏهن مٽي جي مٿان هيٺان اسان کي اڪيلو ڇڏي اسان جا دوست واپس هليا ويندا، جسم جيتوڻيڪ بي جان هوندو پر عقل سلامت هوندو، ماڻهن کي ويندي ڏسي رهيا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

هونداسين، انهن جي قدمن جو آواز ٻڌي رهيا هونداسين، مٽي جي مٽن هيٺان دٻيل پيا هونداسين. آهه! آهه! آهه! بي نمازين، رمضان جا روزا بنا شرعي عذر جي نہ رکڻ وارن، زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن، گانا باجا ٻڌڻ وارن، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارن، مسلمانن جون بنا شرعي اجازت جي دل آزاريون ڪرڻ وارن، چوريون ڪندڙن، ڌاڙا هڻڻ وارن، ماڻهن کي ڌمڪي واريون چٺيون لکي پُنگ گهرڻ وارن، ڪيسا ڪٽيندڙن، ماڻهن جي زمينن تي قبضا ڪرڻ وارن، بيوس هارين جو رت چوسڻ وارن، اقتدار جي نشي ۾ بدمست ٿي ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرائڻ وارن، گناهن ۾ مست رهڻ وارن کي ٿي سگهي ٿو هن ظاهري زندگيءَ ۾ ڪو قبر ۾ بند نہ ڪري سگهي تنهن هوندي بہ عنقريب يعني ڪجھ سالن، ڪجھ مهينن، ڪجھ ڏينهن بلڪ عين ممڪن آهي تہ ڪجھ ڪلاڪن کان پوءِ موت اچي وجي ۽ ان کي قبر ۾ اڪيلو بند ڪيو وڃي! حضرت سيدنا بَڪر عابد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ماءُ کي چوندا هئا: ”پياري امان! ڪهڙو نہ سنو هجي ها جو اوهان منهنجي حق ۾ سنڍ (يعني بي اولاد) هجو ها، آهه! هاڻي تہ مان پيدا ٿي ئي چڪو آهيان تہ ٻڌي ونو جو توهان جي پٽ کي ڊگهي عرصي تائين قبر ۾ بند رهڻو پوندو ۽ پوءِ اتان ڪان نڪرڻ کان پوءِ حشر جي ميدان ڏانهن هلڻو پوندو.

(احياءالعلوم ج 5 ص 238)

## گناهه کان بچڻ جو هڪ نسخو

هاءِ! هاءِ! مرڻ کان پوءِ ڪهڙي بيڪسي هوندي! ڪيتري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

بيوسي هوندي! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن توهان پنهنجي اصلاح چاهيو ٿا تہ گناهہ ڪرڻ لاءِ جڏهن دل چوي ان وقت هي نسخو استعمال ڪريو يعني هي سوچڻ جي عادت وجهو تہ يقيني موت جيڪو اڄ بہ اچي سگهي ٿو ۽ مرڻ ڪان پوءِ مون کي گُهگهہ اونداهي ۽ ننڍڙي قبر ۾ لاهي بند ڪيو ويندو، مان جيتوڻيڪ بظاهر جُري بہ نہ سگهندس پر سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي رهيو هوندو! هاءِ! ان وقت مون تي ڇا گذري رهيو هوندو؟ منهنجي ٻارن ۽ جگري يارن کي اهو معلوم هئڻ باوجود تہ مون کي سڀ ڪجهہ نظر اچي رهيو آهي پوءِ بہ اڪيلو ڇڏي سيئي مون کي پٺي ڏئي ڪري هليا ويندا، هاءِ! هاءِ! منهنجون نافرمانيون! جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي، شافعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **شرحُ الصُّدور** ۾ نقل ڪن ٿا:

## قبر جو دڙڪو

حضرت سيّدنا عبدالله بن عبيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن مڙدي سان گڏ اچڻ وارا واپس ٿيندا آهن تہ مڙدو ويهي انهن جي قدمن جو آواز ٻڌندو آهي ۽ قبر کان پهريان ڪو ان سان ناهي ڳالهائيندو، قبر چوندي آهي: اي انسان! ڇا تو منهنجا حالات نہ ٻڌا هئا؟ ڇا منهنجي تنگي، بدبوءِ، هولناڪي ۽ ڪيڙن کان توکي نہ ڊيجاريو ويو هو؟ جيڪڏهن ائين هو تہ پوءِ تو ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟

(شرح الصدور ص 114)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# پڇي نہ ٿا سگهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سوچيو تہ سهي ان وقت جڏهن قبر ۾ اڪيلا رهجي ويا هوندؤ، گهبراهٽ طاري هوندي، نہ ڪٿي وڃي سگهندؤ نہ ڪنهن کي سڏي سگهندؤ ۽ پڇي نڪرڻ جي بہ ڪا واٽ نہ هوندي، ان وقت قبر جي هانءُ ڏاريندڙ پڪار ٻڌي ڇا گذرندو؟ قبر ۾ نمازن ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ راحتون ۽ بي نمازين ۽ غير شرعي فيشن ڪرڻ وارن جي لاءِ آفتون ئي آفتون هونديون، جيئن حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا:

# فرمانبردار تي رحمت

حضرت سيّدنا عُبَيد بن عُمير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ قبر مڙدي کي چوندي آهي تہ جيڪڏهن تون پنهنجي زندگيءَ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانبردار هئين تہ اڄ مان توتي رحمت ڪنديس ۽ جيڪڏهن نافرمان هئين تہ مان تنهنجي لاءِ عذاب آهيان، مان اهو گهر آهيان جو جيڪو مون ۾ نيڪ ۽ اطاعت گذار ٿي ڪري داخل ٿيو اهو مون مان خوش ٿي ڪري نڪرندو ۽ جيڪو نافرمان ۽ گنهگار هوندو، اهو مون مان تباهہ حال ٿي ڪري نڪرندو.

(شرح الصدور ص 114، اهوال القبور لابن رجب ص 27)

# سپ کان خوفناڪ منظر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدا جو قسم! قبر جو اندروني معاملو انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي، ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ مون سان ڇا ٿيندو؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العُيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جو فرمان عبرت نشان آهي: قبر جو منظر سڀني منظرن کان وڌيڪ خوفناڪ آهي. (سنن ترمذي ج 4 ص 138 حديث 2315)

## آقا ﷺ جو روئڻ

اسان جي بخشيل بخشايل آقا، اسان کي بخشرائڻ واري منّي منّي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قبر جي حوالي سان خوفِ خدا ملاحظہ ڪريو: حضرت سيّدنا براء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ اسان سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبر جي ڪناري تي ويهي رهيا ۽ ايترا رُنا جو مٽي آلي ٿي وئي پوءِ فرمايائون: "اي ڀائرو! هن جي لاءِ تياري ڪريو." (سنن ابن ماجہ ج 4 ص 466، حديث 4195)

## قبر جو پيٽ

حضرت سيّدنا حسن بن صالح رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن بہ قبرستان کان گذرندا هئا تہ فرمائيندا هئا: اي قبرو! توهان جو ظاهر تہ تمام سٺو آهي پر مصيبت توهان جي پيٽ ۾ آهي. (احياء العلوم ج 5 ص 238)

## هاءِ موت!

حضرت سيّدنا عطاء سُلَمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عادت مبارڪ هوندي هئي جڏهن رات ٿيندي هئي تہ قبرستان ڏانهن نڪري ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: اي قبر وارؤ! توهان مري ويؤ! هاءِ موت! توهان پنهنجا عمل ڏٺا، هاءِ عمل! پوءِ فرمائيندا هئا: هاءِ! هاءِ! سڀاڻي عطاء بہ قبرستان ۾ هوندو، هاءِ! هاءِ! سڀاڻي عطاء بہ قبرستان ۾ هوندو،

فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ائين ئي روئندي روئندي سڄي رات گذاري ڇڏيندا هئا. (ايضًا)

اندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر
کروں گا کیا جو تو ناراض ہوگیا یا رب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دفنائڻ وارن کي مڙدو ڏسندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! گناهن ڀري زندگي گذاري مرڻ واري جي لاءِ ڪيترو درد ناڪ معاملو هوندو ۽ جڏهن قبر ۾ هو سڀ ڪجهہ ڏسي، ٻڌي ۽ سمجهي رهيو هوندو، ان وقت ان تي ڇا گذري رهيو هوندو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”مڙدي کي هن ڳالهہ جي ڄاڻ هوندي آهي تہ ان کي ڪير غسل ڏئي رهيو آهي ۽ ڪير ان کي کڻي رهيو آهي ڳڏوگڏ ڪيس قبر ۾ ڪير لاهي رهيو آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 4 ص 8 حديث 10997)

## بيڪسيءَ جو ڏينهن

آهہ! آهہ! جڏهن قبر ۾ رکيو ويندو هوندو ان وقت ڇا گذري رهيو هوندو! حضرت سيّدنا ابوذر غفاري رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: ڇا مان توهان کي پنهنجي بيڪسيءَ جو ڏينهن نہ ٻڌايان؟ هي اهو ڏينهن آهي جڏهن مون کي قبر ۾ اڪيلو لاٿو ويندو. (احياءالعلوم ج 5 ص 237)

گو پیشِ نظر قبر کا پُر ہول گڑھا ہے
افسوس مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

# پاڙيسري مڙدن جي پڪار

**حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي **نقل فرمائن ٿا:** جڏهن (گنهگار) مڙدي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ان تي عذاب جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، تہ هن جا پاڙيسري مڙدا هن کي چوندا آهن: اي پنهنجي پاڙيسري ۽ ڀائرن کان پوءِ دنيا ۾ رهڻ وارا! ڇا تنهنجي لاءِ اسان جي معاملي ۾ ڪا عبرت نہ هئي؟ ڇا اسان جو تو کان پهريان (دنيا مان) هليو وڃڻ تو لاءِ غور و فڪر جو مقام نہ هو؟ ڇا تون اسان جي عمل جي سلسلي کي ختم ٿيندي نہ ڏٺو؟ توکي تہ مهلت ملي هئي تو اهي نيڪيون ڇو نہ ڪيون جيڪي تنهنجا ڀائر نہ ڪري سگهيا. زمين جو ٽڪرو هن کي پڪاري چئي رهيو آهي: اي دنياءِ ظاهر کان ڌوڪو کائڻ وارا! تون انهن کان عبرت ڇو نہ ورتي جيڪي توکان پهريان هتي اچي چڪا آهن ۽ انهن کي بہ دنيا ڌوڪي ۾ وجهي ڇڏيو هو.

(احياءُالعلوم ج 5 ص 253)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حقيقت هي آهي تہ هر مرڻ وارو مرندي ئي جڻ هي پيغام ڏئي رهيو آهي جهڙي طرح مان مري ويو آهي. توهان کي بہ مرڻو پوندو جهڙي طرح مون کي مٽ مٽي جا وجهي دفن ڪرڻ وارا آهن، اهڙي طرح توهان کي بہ دفن ڪيو ويندو.

جنازہ آگے بڑھ کے کہہ رہا ہے اے جہاں والو!
مری پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

# منهنجا ٻار ٻچا ڪٿي آهن؟

حضرت سيّدنا عطا بن يسار عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْغَفّار کان روايت آهي تہ جڏهن مڙدي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ سڀ کان پهريان ان جو عمل اچي ان جي کاٻي ران کي لوڏي چوندو آهي تہ مان تنهنجو عمل آهيان، مڙدو پڇندو آهي: منهنجا ٻار ٻچا ڪٿي آهن؟ ۽ منهنجون دنياوي نعمتون ڪٿي آهن؟ تہ عمل چوندو آهي: اُهي سڀ تنهنجي پٺيان رهجي ويا ۽ سواءِ منهنجي، تنهنجي قبر ۾ ٻيو ڪو بہ ناهي آيو. (شرح الصدور ص 111)

ساتھ جگری یار بھی نہ آئیگا
تو اکیلا قبر میں رہ جائیگا

مال، دنیا کا یہیں رہ جا ئیگا
ہر عمل اچّھا بُرا ساتھ آئیگا

مالِ دنیا دو جہاں میں ہے وبال
کام آئیگا نہ پیشِ ذُوالجلال

# جنت جو باغ يا جهنم جو کڏو

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: قبر يا تہ جنّت جي باغن مان هڪ باغ يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏو آهي. (ترمذي ج 4 ص 208، حديث 2468)

حضرت سيّدنا سفيان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: جيڪو شخص قبر جو ذِڪر وڌيڪ ڪري ٿو اهو ان کي جنّت جي باغن مان هڪ باغ ڏسندو آهي ۽ جيڪو ان جي ياد کان غافل هوندو آهي تہ اهو ان کي جهنم جي کڏن مان هڪ کڏو ڏسندو آهي. (احياءالعلوم ج 5 ص 238)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# بيشمار ماڻهو غمگين آهن

حضرت سيّدنا ثابت بُناني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا: مان قبرستان ۾ داخل ٿيس جڏهن اتان نڪرڻ لڳس تہ بلند آواز سان ڪنهن چيو: اي ثابت! هنن قبرن وارن جي خاموشي مان ڌوڪو نہ کائجانءِ انهن ۾ بيشمار ماڻهو غمگين آهن. (احياءالعلوم ج 5 ص 238)

# عارضي قبر

حضرت سيّدنا ربيع بن خُثَيم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْكَرِيْم پنهنجي گهر ۾ هڪ قبر کوٽي هئي. جڏهن بہ پنهنجي دل ۾ ڪجهہ سختي محسوس ڪندا هئا تہ ان اندر وڃي ليٽي پوندا هئا ۽ جيتري دير الله تعاليٰ چاهيندو هو ان ۾ رهندا هئا، پوءِ 18 سيپاري جي سورة المومنون جي آيت 99 ۽ 100 جو هي حصو بار بار تلاوت ڪندا هئا:

رَبِّ ارْجِعُوْنِ ﴿۹۹﴾ لَعَلِّيْٓ اَعْمَلُ صَالِحًا فِيْمَا تَرَكْتُ

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا رب مون کي واپس موڪل شايد هاڻي مان چڱوڪم ڪريان ان ۾ جيڪي ڇڏي آيو آهيان.

پوءِ پنهجي نفس ڏانهن متوجهہ ٿي ڪري فرمائيندا هئا: اي ربيع! هاڻي توکي واپس موٽايو ويو آهي. (ايضًا)

# قبر وارن جي صحبت

حضرت سيّدنا ابودرداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ قبرن وٽ ويندا هئا، ان سلسلي ۾ ڪائن پڇيو ويو تہ فرمايائون: مان اهڙن ماڻهن وٽ وينو آهيان جيڪي آخرت جي ياد ڏياريندا آهن ۽ جڏهن اٿندو آهيان تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

منهنجي غيبت ناهن ڪندا. (احياءُ العلوم ج 5 ص 237)

## مان ٻه هنن مان ئي آهيان

حضرت سيّدنا جعفر بن محمد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الصَّمَد رات جو قبرستان تشريف ڪٺي ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: اي قبر وارؤ! ڇا ڳالهه آهي جو مان سڏيان ٿو پر توهان جواب نه ٿا ڏيو؟ پوءِ فرمائيندا هئا: **الله** جو قسم! انهن کي جواب ڏيڻ ۾ ڪا رڪاوٽ آهي، هاءِ! ڄڻ مان به هنن مان ئي آهيان، پوءِ فجر تائين نفل پڙهندا رهندا هئا. (ايضًا)

## ڪِيڙا سُري رهيا آهن

اميرالمُؤمنين حضرت سيّدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ڀيري پنهنجي ساٿي کي فرمايو: ادا! موت جي ياد منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي مان سڄي رات جاڳندو رهيس ۽ قبر وارن جي باري ۾ سوچيندو رهيس، اي ڀاءُ! جيڪڏهن تون ٽن ڏينهن کان پوءِ مڙدي کي ان جي قبر ۾ ڏسين ته هڪ ڊگهي عرصي تائين زندگيءَ ۾ ان سان گڏ رهڻ باوجود توکي ان کان وحشت ٿيڻ لڳي ۽ جيڪڏهن تون ان جو گهر يعني ان جي قبر جو اندريون حصو ڏسين جنهن ۾ ڪيڙا سُري رهيا آهن ۽ جسم کي کائي رهيا آهن، پونءِ وهي رهي آهي، سخت بدبوءِ اچي رهي آهي ۽ ڪفن به ڳري چڪو آهي. هاءِ! هاءِ! غور ته ڪريو! اهو ئي مڙدو جنهن وقت زنده هو، خوبصورت هو، خوشبو به سٺي استعمال ڪندو هو، ڪپڙا به عمدا پائيندو هو راوي چوي ٿو: ايترو چوڻ کان پوءِ سندن تي رِقّت طاري ٿي وئي، هڪ رڙ ڪيائون ۽ بيهوش ٿي ويا. (اِحياءُ العلوم ج 5 ص 237 ملخصًا)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

## نرم نرم بسترِ قبر

حضرت سيّدنا احمد بن حرب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: زمين کي ان شخص تي تعجب ٿيندو آهي جيڪو پنهنجي آرامگاهہ کي صحيح ڪندو آهي ۽ سمهڻ لاءِ نرم نرم بستر وڇائيندو آهي، زمين ان کي چوندي آهي: اي ابن آدم! تون منهنجي اندر ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ڳرڻ سڙڻ کي ڇو ياد نہ ٿو ڪرين؟ ياد رک! منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ڪا شيء حائل (رڪاوٽ) نہ هوندي! (يعني توکي زمين تي بغير گاديلي جي ئي رکيو ويندو!) (احياءُ العلوم ج 5 ص 238)

## ڍڳي وانگر دانهون ڪندا هئا

حضرت سيّدنا يزيد رقاشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ موت کي ڪثرت سان ياد رکڻ وارن مان هئا. جڏهن قبرن کي ڏسندا هئا تہ قبر جي اونداهي ۽ اڪيلائي جي وحشت وغيره جي خوف کان ايترا بي قرار ٿي ويندا هئا جو سندن کان ڍڳي وانگر رڙين جو آواز نڪرندو هو. (ايضًا ص 237)

## قبر ۾ ڏيجارڻ واريون شيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي قبر جي معاملو آسان ناهي! جيڪڏهن اسان جي جسم تي ڪرڙي چڙهي وڃي يا سؤ پيري پرسان ئي گذري وڃي تہ جسم کي ڏڪڻي وٺي ويندي آهي ۽ رڙ نڪري ويندي آهي، هاءِ! هاءِ! گناهن جي سبب جيڪڏهن خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ناراض ٿي ويا تہ قبر جي سوڙهي ڪُڏي ۾ ڪير اچي بچائيندو؟ ڪير آٿت ڏيندو؟ آهہ! آهہ! آهہ! اي بليء جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلىٰ)

مياؤن ٻڌي ڪري گهٻرائجي وڃڻ وارؤ! ٻڌو! حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي ”**شَرحُ الصُّدُور**“ ۾ نقل ڪن ٿا: ”جڏهن ماڻهو قبر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان کي ڊيڄارڻ لاءِ اهي سڀ شيون اچي وينديون آهن، جن کان هو دنيا ۾ ڊڄندو هو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان نہ ڊڄندو هو.“ (شرح الصدور ص 112)

کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی　　　قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## گناهن جون خوفناڪ شڪليون

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن توهان بصيرت جي نور سان پنهنجي باطن کي ڏسو تہ اهو طرح طرح جي درندن جي گهيري ۾ آهي مثلاً ڪاوڙ، شهوت، ڪينو، حسد، تڪبُّر، خود پسندي ۽ رياڪاري وغيره. جيڪڏهن توهان گناهن جي نظر نہ ايندڙ انهن درندن کان هڪ گهڙيءَ جي لاءِ بہ غافل ٿي ڪري گناهہ ڪريو ٿا تہ اهي درندا توهان کي چڪ هڻندا ۽ پٽيندا آهن، جيتوڻيڪ في الحال توهان کي انهن جي تڪليف محسوس ناهي ٿيندي ۽ اهي توهان کي نظر بہ ناهن ايندا پر مرڻ کانپوءِ قبر ۾ پردو کڄي ويندو ۽ توهان انهن درندن کي ڏسي وٺندؤ، ها ها توهان پنهنجي اکين سان ڏسندؤ تہ گناهہ وِڇوئن ۽ نانگن وغيره جي شڪلين ۾ قبر ۾ توهان کي گهيري رکيو آهي، يقين ڪريو هي بريون خصلتون حقيقت ۾ خوفناڪ درندا ئي آهن، جيڪي هن وقت بہ توهان وٽ موجود آهن، پر انهن جون خوفناڪ شڪليون توهان کي قبر ۾ نظر ايندون. انهن درندن

ڪي پنهنجي موت ڪان پهريان ئي ماري ڇڏيو يعني گناهه ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن نہ تہ ڇڏيو تہ چڱي طرح ڄاڻي ونو تہ اهي گناهن جا درندا هن وقت بہ توهان جي دل کي چڪ هڻي ۽ پٽي رهيا آهن، جيتوڻيڪ توهان کي في الحال تڪليف محسوس نہ ٿي ٿئي. (احياءالعلوم ج 4 ص 233)

## جيڪڏهن ايمان برباد ٿي ويو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سخت غفلت جو دؤر آهي، صرف دنياوي علوم و فنون سکڻ تي ئي زور آهي ۽ خوب دولت ڪمايو جو هر طرف شور آهي. ديني علم حاصل ڪرڻ، نمازون پڙهڻ ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ مسلمان تيار ناهن، ڇهري، لباس بلڪ تهذيب ۽ تمدّن سڀني ۾ ڪافرن جي نقل ڪرڻ جو ذهن آهي. خدا جو قسم! هر وقت فضول بڪ بڪ ۽ گناهن جي ڪثرت انتهائي تباهه ڪُن آهي، گهڻو ڳالهائڻ سان ڪڏهن ڪڏهن زبان مان ڪفريہ جملا بہ نڪري ويندا آهن پر ڳالهائڻ واري کي ان جو شعور ناهي هوندو، ايمان جي حفاظت جو ذهن بہ هاڻي تمام گهٽ ماڻهن جو رهيو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ نہ ڪري نافرمانين جي سبب جيڪڏهن ايمان برباد ٿي ويو ۽ ڪفر تي خاتمو ٿيو تہ **وَاللّٰه بِاللّٰه تَاللّٰه** (يعني: **الله** جو قسم) سخت بربادي ٿيندي، جيڪو ڪفر تي مرندو ان جي قبر جي عذاب جي هڪ جهلڪ ملاحظہ فرمايو، حُجَّةُ الاِسْلام حضرت امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل ڪن ٿا:

## انڌو ٻوڙو جانور

حضرت محمد بن مُنْڪَدِر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون ڪي

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

هيءَ خبر پهتي آهي ته قبر ۾ ڪافر تي انڌو ۽ ٻوڙو جانور مُسَلّط ڪيو ويندو آهي، ان جي هٿ ۾ لوهه جو هڪ ڪوڙو هوندو آهي، اهو هن ڪوڙي سان ڪافر کي قيامت تائين ماريندو رهندو.
(احياءُ العلوم ج 5 ص 259)

## ڪاش! اهو شخص مان هجان ها

هر مسلمان کي ايمان جي حفاظت جو فڪر ڪرڻ گهرجي، ان جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو ته جيئن عاشقانِ رسول جي سنّي صحبت ملي، علم حاصل ٿئي، زبان جي احتياط جو جذبو ملي ۽ ايمان جو قدر ۽ اهميت دل ۾ وڌي ۽ دنياوي مقصدن جيئن ته روزي ۽ نوڪريءَ جي باري ۾ دعائن سان گڏوگڏ خاتمه بالخير ۽ بخشش جون دعائون ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو به ذهن بڻجي. اسان جي اسلاف کي بُري خاتمي جو بيحد خوف هوندو هو. حضرت سيّدنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمايو: هڪ شخص جهنم مان هڪ هزار سالن کان پوءِ ڪڍيو ويندو (پوءِ فرمايائون) ڪاش! اهو شخص مان هجان ها. پاڻ اها ڳالهه جهنم ۾ هميشه رهڻ ۽ بُري خاتمي جي خوف سبب فرمائي. (ايضاً ج 4 ص 231)

## هيسيل رهڻ وارو بزرگ

هڪ روايت ۾ آهي ته حضرت سيّدنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه چاليهن سالن تائين نه کِليا، راوي چوي ٿو ته مان جڏهن کين ويٺل ڏسندو هوس ته ائين معلوم ٿيندو هو جڻ هڪ قيدي آهي جنهن کي سِسيءَ لاهڻ لاءِ آندو ويو هجي! ۽ جڏهن گفتگو فرمائيندا هئا ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

انداز ھي ھوندو ھو ڄڻ آخرت کي اکين سان ڏسي ٻڌائي رهيا آھن ۽ جڏھن پاڻ خاموش ھوندا ھئا تہ ائين محسوس ٿيندو ھو تہ ڄڻ انھن جي اکين جي سامھون باھ ڀڙڪي رهي آھي! ايتريقدر خوفزده رھڻ جو پڇيو ويو تہ فرمايائون: مون کي ھن ڳالھہ جو خوف آھي تہ جيڪڏھن اللہ تعاليٰ منھنجي ڪن ناپسنديده عملن کي ڏسي مون تي غضب ڪيو ۽ فرمايو تہ وڃ مان توکي نہ ٿو بخشيان تہ منھنجو ڇا ٿيندو؟ (ايضًا)

آہ کثرتِ عصیاں، ہائے! خوف دوزخ کا
کاش! اِس جہاں کا میں نہ بَشَر بنا ہوتا

## ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿي ويو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا خوفِ خدا رکڻ وارن جو درجو تمام مٿاھون ھوندو آھي، جيئن تہ جنھن رات حضرت سيّدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وفات ٿي، ان رات ڏٺو ويو تہ ڄڻ آسمان جا دروازا کليا آھن ۽ ھڪ مُنادي اعلان ڪري رهيو آھي تہ ٻڌو! حسن بصري ربّ تعاليٰ جي بارگاھ ۾ ھن حال ۾ حاضر ٿيو آھي جو اللہ عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي آھي. (احياءُ العلوم ج 5 ص 266)

عرش پر دھومیں مچیں وہ مومنِ صالح ملا
فرش سے ماتم اٹھے وہ طیِّب و طاہر گیا (حدائقِ بخشش)

## خوش فھمي ۾ نہ رهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ھن خوشفھميءَ ۾ ھوندا آھن تہ منھنجو عقيدو تمام مضبوط آھي، مان چاھي ڪافرن ۽ بد مذھبن

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

سان دوستي رکان، چاهي بدعقيده ماڻهن جو بيان ٻڌان، انهن جا ڪتاب ۽ اخبار ۾ انهن جا مضمون پڙهان، چاهي انهن جي صحبت ۾ رهان، منهنجي ايمان کي ڪو خطرو ناهي! خدا جو قسم! اهڙا ماڻهو سخت غلطي تي آهن. احاديث مبارڪ ۾ هي مضمون موجود آهن تہ جنهن پنهنجي نفس تي اعتماد ڪيو ان تمام وڏي ڪذّاب تي ڀروسو ڪيو ۽ جيڪڏهن نفس قسم کڻي ڪا ڳالهہ چوي تہ بہ سڀ کان وڏو ڪوڙو اهو ئي آهي. (ملفوظات اعليٰ حضرت ص 277) دل جي ڪنن سان ٻڌو! ڪافرن ۽ بدمذهبن سان گڏوگڏ مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ و اولياء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي گستاخن جي دوستي ۽ انهن جي صحبت ۾ رهڻ، انهن کي استاد بڻائڻ، انهن جو بيان ٻڌڻ وغيره سڀ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي نحوست سان ايمان برباد ٿي ويو تہ قبر ۾ قسمين قسمين عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو، مثلاً قيامت تائين نوانوي خوفناڪ ازدها ڏنگيندا ۽ جهنم ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ رهڻو پوندو. ڪافر جي صحبت جي سبب ايمان برباد ڪري ڇڏڻ وارو بدنصيب مرتد قيامت جي ڏينهن حسرت سان خوب رڙيون ڪندو. جيئن تہ 19 سيپاري، **سورة الفُرقان** جي آيت نمبر 28 ۽ 29 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٨﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِيْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: هاءِ بربادي منهنجي! هاءِ!! ڪنهن طرح مان فلاڻي کي دوست نہ بڻايو هجي ها، بيشڪ ان مون کي ڀٽڪايو مون وٽ آيل نصيحت کان.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

# ايمان تي خاتمي جو ورد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن جي سبب ٻـ ايمان برباد ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري گناهن کان بچندو رهڻ گهرجي. ايمان جي حفاظت جي دعا کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي، جامع شرائط (يعني جنهن ۾ پير ٻڌجڻ جا سمورا شرط موجود هجن) ان پِير جي بيعت ڪري ان جي مستقل دعائن جي پناهہ ۾ اچڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ ايمان جي حفاظت جا وِرد بہ پڙهندا رهو، شجره قادريہ رضويہ عطاريہ ص 22 تي هڪ وِرد لکيل آهي تہ "جيڪو روزانو صبح جو (يعني اڌ رات گذرڻ کان پوءِ سج جي پهرئين ڪرڻي چمڪڻ تائين جي وچ ۾ ڪنهن بہ وقت) 41 ڀيرا يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ لَآ اِلٰـہَ اِلَّآ اَنْتَ (اول ۽ آخر تي ڀيرا درود شريف) پڙهي ڇڏي تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل زنده رهندي ۽ ايمان تي خاتمو ٿيندو.

مسلماں ہے عطّار تیرے کرم سے
ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی

# ننڊ ڦٽائي ڇڏي

حضرت سيّدنا طائوس رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جڏهن رات جو بستر تي سمهندا هئا تہ اهڙي طرح ليٽڙندا هئا جيئن گرم ڪڙاهيءَ ۾ داڻا هيڏي هوڏي ٿيندا آهن! پوءِ بستري کي ويڙهي ڇڏيندا هئا ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪندا هئا (يعني نفل پڙهندا هئا) ۽ فرمائيندا هئا: جهنم جو تذڪرو خوفِ خدا وارن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي، صبح تائين اهڙيءَ طرح عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. (احياءالعلوم ج 4 ص 231)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

## ديوانو

حضرت سيّدنا اويس قرني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی واعظ وٽ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ ان جي وعظ کان روئندا هئا جڏهن جهنم جو تذڪرو ٿيندو هو تہ رڙيون ڪندي اٿي هليا ويندا هئا ۽ ماڻهو چريو چريو چوندي سندن پويان لڳي پوندا هئا. (ايضاً)

## پُلصِراط

حضرت سيّدنا مُعاذ بن جَبَل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: مؤمن جو خوف ان وقت تائين ختم ناهي ٿيندو جيستائين هو جهنم جي مٿان نهيل پلصراط کي پار نہ ڪري وٺي. (ايضًا)

## خواب ۾ ڪرم مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو "بُري خاتمي جا اسباب" هديةً خريد ڪري پڙهو، جيڪڏهن توهان جي دل زنده ٿي تہ پڙهڻ سان انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان روئي پوندؤ. هڪ اسلامي ڀاءُ غالبًا 1419ھ جو پنهنجو واقعو ٻڌايو تہ مان رات جي وقت رسالو "**بُري خاتمي جا اَسباب**" پڙهيو تہ ايمان جي بربادي جي خوف کان يڪدم گهبرائجي ويس، اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا، روئندي روئندي ننڊ اچي وئي، ستس تہ چا، ستل قسمت يڪدم جاڳي پئي، بيڪسن جا ياور، مديني جا تاجور، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف کڻي آيا، مون روئي روئي ڪري عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ايمان کي بچايو! حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني هٿن ۾ هڪ رجسٽر هو جيڪو مون گنهگار کي

فرمانِ مصطفى صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

عطا ڪيائون ۽ مسڪرائي ڪري فرمايائون: ايمان تي خاتمو بہ ٿيندو ۽ سڀ ڪجھ ملندو.

سرِ بالیں انہیں رحمت کی ادا لائی ہے
حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جي لاءِ

جيڪو روزانو رات جو سُوْرَةُ الْمُلْكِ پڙهندو اهو قبر جي عذاب کان محفوظ رهندو. (ملخصًا من شرح الصدور ص 149)

## قبر جي روشنيءَ جي لاءِ

روضُ الرّياحين ۾ آهي: حضرت سيّدنا شقيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان پنجن شين کي پنجن ۾ ڏٺو: (1) گناهن جي علاج کي چاشت جي نماز ۾ (2) قبرن جي روشني کي تهجُّد ۾ (3) مُنڪَر نڪِير جي جوابن کي قرآن جي تلاوت ۾ (4) پُلصِراط تان سلامتي سان گذري وڃڻ کي روزي ۽ صدقي خيرات ۾ (5) محشر ۾ عرش جو سايو حاصل ڪرڻ کي گوشہ نشيني ۾. (ملخصًا من شرح الصدور ص 146)

## قبر جا مددگار

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن مڙدي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ ان جا نيڪ عمل اچي ان کي گهيري وٺندا آهن، جيڪڏهن عذاب ان جي مٿي کان ايندو آهي تہ قرآن جي تلاوت ان کي روڪيندي آهي ۽ جيڪڏهن پيرن جي طرف کان ايندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

آهي تہ نماز ۾ قيام ڪرڻ رڪاوٽ بڻبو آهي، جيڪڏهن هٿن جي طرف کان ايندو آهي تہ هٿ چوندا آهن تہ **الله** جو قسم! هي اسان کي صدقو ڏيڻ ۽ دعا جي لاءِ ڦهلائيندو هو تون هن تائين نہ ٿو پهچي سگهين، جيڪڏهن منهن جي طرف کان ايندو آهي تہ ذِڪر ۽ روزو سامهون اچي ويندا آهن، اهڙيءَ طرح هڪ طرف نماز ۽ صبر بيهندا آهن ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪا ڪسر باقي رهندي تہ اسان موجود آهيون. (احياء العلوم ج 5 ص 259)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي محبت ۽ نسبت بہ قبر جي عذاب کان بچائيندي آهي، جيئن تہ شرح الصُّدور جون بہ حڪايتون ملاحظہ ڪريو.

## (۱) شيخين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي عاشق جو ڇوٽڪارو

هڪ شخص کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو ويو: مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي. پڇيائين: مُنڪَر نڪَير سان ڪيئن (معاملو) گذريو؟ جواب ڏنائين: **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان مون انهن کي عرض ڪيو تہ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي وسيلي سان مون کي ڇڏي ڏيو. انهن مان هڪڙي ٻئي کي چيو تہ هن تمام وڏين بزرگ هستين جو وسيلو پيش ڪيو آهي تنهنڪري هن کي ڇڏي ڏيو، پوءِ هو مون کي ڇڏي هليا ويا. (ملخصًا من شرح الصدور ص 141)

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاکم)

## (2) اولياء رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى جي عاشق جو ڇوٽڪارو

هڪ نيڪ شخص جيڪو حضرت سيّدنا بايزيد بِسطامي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو خادم هو ان جي وفات ٿي وئي، دفنائڻ کان پوءِ قبر شريف وٽ موجود ڪجهہ ماڻهن ٻڌو تہ اهو منڪر نڪير کي چئي رهيو هو تہ "مون کان سوال ڇو ڪري رهيا آهيو، مان تہ بايزيد بسطامي جي فرمانبردار خادمن مان آهيان." پوءِ منڪر نڪير ان کي ڇڏي هليا ويا. (ايضاً ص 142)

دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پري هر مهيني پنهنجي علائقي جي ذيلي نگران کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ايمان جي حفاظت ۽ سنّتن تي عمل جو ذهن بڻجندو گڏوگڏ قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جو سامان ٿيندو.

## ٻہ عبرتناڪ حڪايتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ ڳالهہ ڳالهہ تي ماڻهو رشتيداري ختم ڪري ڇڏيندا آهن. ان ڪري پاڻ ۾ محبت جي فضا قائم ڪرڻ جي خواهش جي لاءِ سٺين نيتن سان وڌيڪ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ رشتيدارن سان حسن سلوڪ بابت 2 حڪايتون ملاحظہ فرمايو:

**﴿1﴾ حڪايت:** حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ هڪ ڀيري سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون بيان ڪري رهيا هئا، ان دوران

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

فرمايائون: هر قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي مجلس مان اٿي وڃي. هڪ نوجوان اٿيو ۽ پنهنجي ڦڦيءَ وٽ ويو جنهن سان ان جو ڪيترن ئي سالن کان جهيڙو هو، جڏهن ٻئي هڪٻئي سان راضي ٿي ويا ته ان نوجوان کي ڦڦيءَ چيو: توهان وڃي ان جو سبب پڇيو، آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي اعلان جي حڪمت ڇا هئي) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پڇا ڪئي ته حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: مون حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اهو ٻڌو آهي: جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي ان قوم تي اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نازل ناهي ٿيندي.
(الزواجر عن اقتراف الڪبائر ج 2 ص 153)

﴿2﴾ **حڪايت**: هڪ حاجي ڪنهن ديانتدار شخص وٽ مڪي شريف ۾ هڪ هزار دينار امانت طور رکرايا. حج جا ارڪان ادا ڪرڻ کان پوءِ مڪي شريف واپسيءَ تي معلوم ٿيو ته اهو شخص فوت ٿي چڪو آهي. مرحوم جي گهروارن کان امانت بابت پڇا ڪئي ته انهن لاعلميءَ جو اظهار ڪيو. هڪ وليُّ الله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حاجي کي فرمايو: اڌ رات جي وقت بيرِ زم زم (زمزم جي کوه) جي ڀرسان ان شخص جو نالو وٺي سڏ ڪر جيڪڏهن جنّتي هوندو ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ جواب ڏيندو پوءِ هو ويو ۽ زمزم شريف جي کوه ۾ آواز ڏنائين پر جواب نه مليو، ان جڏهن ان بزرگ کي ٻڌايو ته ان "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ" پڙهي فرمايو: خوف آهي ته اهو شخص جهنمي هجي. ملڪ يمن وچ اتي برهوت نالي هڪ کوه آهي، اڌ رات جي وقت ان ۾ ليئو پائي

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

ان شخص جو نالو وٺي سڏ ڪر، جيڪڏهن جهنمي هوندو تہ جواب ڏيندو. پوءِ ان ائين ئي ڪيو، ان (مرڻ واري) جواب ڏنو تہ پڇيائين: منهنجي امانت ڪٿي آهي؟ ان چيو: مون پنهنجي گهر جي اندر فلاڻي جڳهہ تي دفن ڪئي آهي اتي وڃي کوٽي ڪري حاصل ڪر. پڇيائين تون تہ نيڪيءَ ۾ مشهور هئين پوءِ هيءَ سزا ڇا جي ڪري ٿي؟ ان چيو تہ منهنجي هڪ غريب ڀيڻ هئي مون ان کي ڇڏي ڏنو هو، ان تي شفقت نہ ڪندو هوس. **الله تعاليٰ** ڀيڻ سان **تعلقات ٽوڙڻ** جي مون کي هيءَ سزا ڏني آهي. (ڪتاب الڪبائر ص 53-54)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پُٽ ڌيءُ، والدين، نانو ناني، ڏاڏو ڏاڏي، ڀاءُ ڀيڻ، ماسي مامو، چاچو، پُڦي، وغيره رشتيدارن کي ذَوِالأرحام چئبو آهي، انهن سان بنا شرعي اجازت جي تعلقات ٽوڙڻ کي قَطعِ رِحمي چئبو آهي، قَطعِ رِحمي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. **الله** جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: (رشتيدارن سان) **تعلقات ٽوڙڻ** وارو جنّت ۾ نہ ويندو. (بخاري شريف ج 4 ص97، حديث 5984) (باقي! بدعقيده رشتيدارن سان تعلقات نہ رکيا وڃن)

## ڏهہ فڪرانگيز ارشادات مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**﴿1﴾** توهان سڀ نگران آهيو ۽ توهان مان هر هڪ کان ان جي ماتحت ماڻهن جي باري ۾ پڇيو ويندو. (المعجم الصغير للطبراني ج 1 ص 161)

**﴿2﴾** جيڪو نگران پنهنجي ماتحتن سان خيانت ڪندو اهو جهنم ۾ ويندو. (مسند امام احمد بن حنبل ج 7 ص 284، حديث 20311)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

﴿3﴾ جنهن شخص کي الله تعاليٰ ڪنهن رعايا جو نگران بڻايو پوءِ ان انهن جي خير خواهيءَ جو خيال نه رکيو ته اهو جنّت جي خوشبو به نه ماڻيندو. (صحيح بخاري ج 4 ص 456 حديث 7151)

﴿4﴾ انصاف ڪرڻ واري قاضي تي قيامت جي ڏينهن هڪ گهڙي اهڙي ايندي جو هو تمنا ڪندو ته ڪاش! هو ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ڪارڪ جي باري ۾ به فيصلو نه ڪري ها. (مجمع الزوائد ج 4 ص 348، حديث 6986)

﴿5﴾ جيڪو شخص ڏهن ماڻهن تي به نگران هجي قيامت جي ڏينهن ان کي اهڙي طرح آندو ويندو جو ان جو هٿ ان جي ڪنڌ سان ٻڌل هوندو، پوءِ يا ته ان کي سندس عدل ڇڏائيندو يا ان جو ظلم ان کي عذاب ۾ مبتلا ڪندو. (السنن الکبريٰ للبيهقي ج 3، ص 184، حديث 5345)

﴿6﴾ (دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اي الله! جيڪو شخص هن امت جي ڪنهن معاملي جو نگران آهي پوءِ اهو انهن تي سختي ڪري ته تون به ان تي سختي فرماءِ ۽ انهن سان نرمي ڪري ته تون به ان سان نرمي فرماءِ. (مسلم ص 1016، حديث 1828)

﴿7﴾ الله تعاليٰ جنهن کي مسلمانن جي معاملن جو نگران بڻائي پوءِ جيڪڏهن هو انهن جي حاجتن، مفلسي ۽ محتاجي جي وچ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ته الله تعاليٰ به ان جي حاجت، مفلسي ۽ محتاجي جي سامهون رڪاوٽ پيدا ڪندو. (ابو داود ج 3، ص 189، حديث 2948) (آهه! آهه! آهه! جيڪو ماتحتن جي حاجتن کي ڄاڻي واڻي پورو نه ٿو ڪري الله تعاليٰ به ان جون حاجتون پوريون نه ڪندو.)

﴿8﴾ الله تعاليٰ ان تي رحم ناهي ڪندو جيڪو ماڻهن تي رحم نه ٿو

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

ڪري. (بخاري ج 4 ص 532 حديث 7376)

﴿9﴾ بيشڪ توهان عنقريب حڪمرانيءَ جي خواهش ڪندؤ پر قيامت جي ڏينهن اها پشيماني جو سبب هوندي. ٻي روايت ۾ آهي: مان هن ڪم (يعني حڪمراني) تي ڪنهن اهڙي شخص کي مقرر نہ ٿو ڪريان جيڪو ان جو سوال ڪري يا ان جو حرص رکندو هجي. (صحيح بخاري ج4 ص456، حديث 7148-7149) (جيڪو وزارت، عهدي ۽ نگرانيءَ جي لاءِ پيچ ڊڪ ڪندو آهي ۽ عهدو ڪسجڻ جي صورت ۾ فساد ڪندو آهي ان جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي)

﴿10﴾ انصاف ڪرڻ وارا نور جي منبرن تي هوندا هي اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي فيصلن، گهروارن ۽ جن جا نگران بڻجندا آهن انهن جي باري ۾ عدل کان ڪم وٺندا آهن. (سنن نسائي ص 851، حديث 5389)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلٰي)

# ”جنازو باعثِ عبرت آهه“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان جنازي جا 15 مدني گل

❀ **4 فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) **جنهن ڪي جنازي جي خبر ملي اهو ميت وارن وٽ وڃي تعزيت ڪري تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ان جي لاءِ هڪ قيراط ثواب لکندو، پوءِ جيڪڏهن جنازي سان گڏ ويندو تہ الله تعاليٰ بہ قيراط اجر لکندو پوءِ ان جي نماز پڙهي تہ ٽي قيراط، پوءِ دفنائڻ وقت حاضر ٿئي تہ چار ۽ هر قيراط اُحُد** (جبل اُحُد) **جي برابر آهي.** (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 401، عمدة القاري ج 1 ص 400 تحت الحديث 47) **(2) مسلمان جا مسلمان تي ڇهہ حق آهن: (ان مان هڪ هي آهي) جڏهن فوت ٿي وڃي تہ ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿئي.** (مسلم حديث 5 (2162) ص 1192 ملخصًا) **(3) جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **حياء فرمائيندو آهي تہ انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي ان جو جنازو کڻي هليا ۽ جيڪي ان جي پٺيان هليا ۽ جن ان جي جنازي نماز ادا ڪئي.** (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 282 حديث 1108) **(4) مؤمن ٻانهي کي مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين جزا اها ڏني ويندي جو ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.** (مسند البزار ج 11 ص 86 حديث 4796) ❀ **حضرت سَيِّدنا داوٗد** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يا الله** عَزَّوَجَلَّ **جيڪو صرف تنهنجي رضا جي لاءِ جنازي سان گڏ هليو، ان جي جزا ڇا آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو: جنهن ڏينهن هو مرندو تہ فِرشتا ان جي جنازي سان گڏ هلندا ۽ مان ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندس.** (شرح الصدور ص 97) ❀

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

حضرت سَيِّدنا مالڪ بن انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن کي ڪنهن وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پُڇا ڪئي: مَافَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: هڪ جملي جي سبب بخشي ڇڏيو جيڪو حضرت سَيِّدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جنازي کي ڏسي چوندا هئا. (اهو جملو هي آهي) سُبْحٰنَ الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْت (يعني اها ذات پاڪ آهي جيڪا زنده آهي ان کي ڪڏهن موت نہ ايندو) تنهن ڪري مان بہ جنازو ڏسي ائين ئي چوندو هئس ان جملي چوڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو. (احياء العلوم ج 5 ص 266 ملخصًا) ۞ جنازي نماز ۾ رضاءِ الٰهي فرض جي ادائگي، ميت ۽ ان جي عزيزن جي دلجوئي وغيره سنين سنين نيتن سان شرڪت ڪرڻ گهرجي ۞ جنازي سان گڏ ويندي پنهنجي انجام جي باري ۾ سوچيندا رهو تہ جيئن اڄ ان کي وني هليا آهن، اهڙي طرح هڪ ڏينهن مون کي بہ نيو ويندو، جهڙي طرح ان کي مٽي جي مٿن هيٺ دفن ڪيو وڃڻ وارو آهي، اهڙي طرح مون کي بہ دفنايو ويندو، اهڙي طرح غورو فڪر ڪرڻ عبادت ۽ ثواب جو ڪم آهي ۞ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ثواب جو ڪم آهي. سيد المرسلين، جناب رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا سعد بن معاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو جنازو کنيو هو. (الطبقات الڪبريٰ لابن سعد ج 3 ص 329، البنايہ ج 3 ص 517 ملخصًا) ۞ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي کي چاليهہ قدم کڻي هلي، ان جا چاليهہ ڪبيره گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ هڪ بي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي حتمي (مستقل) بخشش

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

فرمائي ڇڏيندو. (الجوهرة النيرة ص 139، بهار شريعت ج 1 ص 823، درمختار ج 3 ص 158،159) ❁ سنّت هي آهي تہ هڪ ٻئي پنيان چئني پاون کي ڪلهو ڏئي ۽ هر ڀيري ڏهہ ڏهہ قدم هلي. پوري سنّت هي آهي تہ پهريان ساڄي پاسي جي سيراندي کي ڪلهو ڏي پوءِ ساڄي پيراندي کي، بعد ۾ کاٻي سيراندي کي ۽ پوءِ کاٻي پيراندي کي ۽ ڏهہ ڏهہ قدم هلي تہ ڪل چاليهہ قدم ٿيا. (بهار شريعت ج 1 ص 822، عالمگيري ج 1 ص 162) ڪي ماڻهو جنازي جي جلوس ۾ هن نموني اعلان ڪندا رهندا آهن: ٻہ ٻہ قدم هلو، انهن کي گهرجي تہ هن طرح اعلان ڪن: ڏهہ ڏهہ قدم هلو ❁ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ وقت ڄاڻي واڻي ايذاء ڏيڻ واري انداز ۾ ماڻهن کي ڌڪا ڏيڻ جيئن ڪي ماڻهو ڪنهن شخصيت جي جنازي ۾ ڪندا آهن اهو ناجائز و حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي ❁ ننڍي ٻار جي جنازي کي جيڪڏهن هڪ شخص هٿن تي کڻي هلي تہ حَرج ناهي ۽ هڪ ٻئي پنيان ماڻهو هٿو هٿ وٺندا رهن. (عالمگيري ج 1 ص 162) عورتن کي (ٻار هجي يا وڏو ڪنهن جي بہ) جنازي سان گڏ وڃڻ ناجائز ۽ مَنع آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 823، درمختار ج 3 ص 162) ❁ مڙس پنهنجي گهرواريءَ جي جنازي کي ڪلهو بہ ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ بہ لاهي سگهي ٿو ۽ منهن بہ ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ جي جسم ڇهڻ جي منع آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 812، 813) ❁ جنازي سان گڏ بلند آواز سان ڪلمو شريف يا ڪلمو شهادت يا حمد ۽ نعت وغيره پڙهڻ جائز آهي. (ڏسو: فتاويٰ رضويہ جلد 9 صفحي 139 کان 158)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

جنازہ آگے آگے کہہ رہا ہے اے جہاں والو!
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارشريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.**

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماخذ و مراجع


| ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى | ابن عساكر | دارالفكر بيروت |
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى | عمدة القاري | دارالفكر بيروت |
| صحيح بخارى | دار الكتب العلمية بيروت | مرقاة المفاتيح | دارالفكر بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | الزواجرعن اقتراف الكبائر | دارالمعرفة بيروت |
| سنن ترمذى | دارالفكر بيروت | احياء علوم | دارالصادر بيروت |
| سنن ابي داؤد | دار احياء التراث العربي بيروت | شرح الصدور | مركز اهلسنت بركات رضا هند |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | اتحاف سادة المتقين | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | اهوال القبور | دارالغديد الجديد مصر |
| مُسند ابي يعليٰ | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونديشن لاهور |
| المعجم الصغير للطبراني | دار الكتب العلمية بيروت | عالمگيري | دارالفكر بيروت |
| مسند بزار | مكتبة العلوم والحكم مدينه منوره | درمختار | دارالمعرفة بيروت |
| سنن كبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت | جوهره | باب المدينه كراچي |
| الفردوس بماثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت | كتاب الكبائر | پشاور |
| مجمع الزوائد | دار المعرفة بيروت | بهارشريعت | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |
| طبقات كبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت | تذكره مشائخ قادريه | كشمير انترنيشنل پبلشرز لاهور |
| حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت | شجره قادريه رضويه | مكتبةالمدينه باب المدينه كراچى |

